# امير اهلسنت کان محرم جي باري ۾ سوال جواب

سنڌي



پيشڪش:
مجلس المدينة العلميه (دعوت اسلامي)
ترجمو:
ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفڪربيروت)



طالب غم مدينه بقيع و مغفرت

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)


رسالي جو نالو: **امير اهلسنت کان محرم جي باري ۾ سوال جواب**

ڇاپو پهريون: محرم الحرام 1443هه آگسٽ 2022ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه بابُ المدينه ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن ڪي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


**ڪتاب خريد ڪندڙ توجه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڱتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

هفتہ وار رسالو

# اميرِ اهلسنت کان محرم جي باري ۾ سوال جواب

## پيشڪش

اسلامڪ ريسرچ سينٽر (دعوت اسلامي)

## ترجمو

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


رابطي جي لاءِ:

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي

UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

Email: translation@dawateislami.ne

# فهرست

اميرِ اهلسنت کان محرم جي باري ۾ سوال جواب ............... 1
درود شريف جي فضيلت ................................. 1
مُحرّمُ الحرام ۾ پيرن اگهاڙي رهڻ ڪيئن؟ ....................... 6
ساهرن ۾ مُحرم الحرام جو چندو ڏسڻ ۾ حرج ناهي ................ 7
مچي نہ ڪائڻ ۽ نئون ڪپڙو پائڻ کي عيب سمجهڻ ڪيئن؟ .......... 8
نياز پچائڻ اعليٰ ۽ افضل ڪم آهي ............................ 11

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ

# امیرِ اھلسنت کان محرم جي باري ۾ سوال جواب

دعاءِ جانشینِ امیرِ اھل سنّت: یاربَّ المُصطفٰي! جیکو بہ مکمل رسالو ”امیر اھلِ سنّت کان مُحَرّم جي باري ۾ سوال جواب“ پڙھي یا ٻڌي وٺي اُن کي اھلبیت جي فیضان سان مالا مال فرماءِ ۽ سیّدُ الشُّھداء امام حسین رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي صدقي بي حساب جنّت ۾ داخلا عطا فرماءِ.

اٰمین بِجاہِ خاتَمِ النَّبِیّیْن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## درود شریف جي فضیلت

حضرت ابو درداء رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ کان روایت آھي تہ مني مني مصطفٰي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمایو: ”جیکو شخص صبح ۽ شام مون تي ڏھ ڏھ ڀیرا درود شریف پڙھندو قیامت جي ڏينھن منھنجي شَفاعت ان کي پھچي کري رھندي.“ (الترغیب والترہیب، 261/1،حدیث:29)

سوال: ”محرمُ الحرام“ ۾ ”محرم“ سان گڏ ”حرام“ جو لفظ چو ایندو آھي؟

جواب: ”حرام“ جو لفظ ”حلال“ جي مقابلي ۾ ناھي بلڪ، ھن لفظِ حرام مان مراد عزّت ۽ حرمت آھي، چو تہ محرم جو مھینو عزّت ۽ حُرمت وارو ھوندو آھي، ان کري ھن سان گڏ لفظِ حرام استعمال کیو ویندو آھي، جھڙيءَ طرح کعبو شریف جنھن مسجد ۾ آھي ان جو نالو مسجدُ الحرام آھي، جنھن جو مطلب آھي: عزّت ۽ حُرمت واري مسجد.
(ملفوظاتِ امیرِ اہلِ سنت، 197/3)

سوال: مُحرّم جي ڏهاڙن ۾ هي شعر تمام گھڻو پڙهيو ويندو آهي، هن جي تشريح فرمايو:

قتلِ حسین اصل میں مرگِ یزید ہے
اِسلام زندہ ہوتا ہے ہر کربلا کے بعد

جواب: شعر جي باري ۾ تہ خبر ناهي هي شعر ڪنهن جو آهي؟ پر هن جي ظاهري معنٰي دُرست آهي تہ امام عالي مقام امامِ حسين رَضِیَ اللہُ عَنْہ ظاهري طور شهيد ٿيا پر قيامت تائين يزيد جي عزّت مري وئي. يزيد ٿي سال ۽ ڪجھ مهينا تخت تي شَيطنَت(سَرڪَشي) ڪئي، آل رسول جو خون وهايو ۽ وڏا ظلم جا جبل ڪيرايا، ان کان بعد 39 سال جي عمر ۾ بُري موت مري ويو. ( تاريخ الطبری ، 4 / 87) شهيد تہ زنده هوندو آهي قرآنِ پاڪ ۾ آهي.

وَ لَا تَقُوْلُوْا لِمَنْ یُّقْتَلُ فِیْ سَبِیْلِ اللّٰهِ اَمْوَاتٌؕ بَلْ اَحْیَآءٌ وَّ لٰكِنْ لَّا تَشْعُرُوْنَ(۱۵۴)
(سيپارو 2، سورت البقرة: آيت: 154)

”ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ جيڪي الله جي راھ ۾ ماريا وڃن انهن کي مُئل نہ چئو بلڪ اهي زنده آهن پر توهان کي انهن جي خبر ناهي“.

ان ڪري جيڪي راهِ خدا ۾ قتل ڪيا ويندا آهن انهن کي مُئل چوڻ تہ پَري، مُئل سمجهڻو بہ ناهي، چوتہ اهي زنده هوندا آهن پر ماڻهن کي ان جي سمجھ ناهي ايندي. اهو ئي سبب آهي جو امام حسين رَضِیَ اللہُ عَنْہ شهيد ٿي ڪري ابدي حياتي ماڻي ويا آهن. ٻيءَ مصرع جو مطلب هي آهي تہ قربانين جي ذريعي ۽ دين خاطر مرڻ جي ذريعي اسلام زنده ٿيندو آهي، جڏهن مسلمان پاڻ ۾ سندس ايمان مضبوط هوندو آهي تہ اسلام مضبوط ٿيندو آهي، اسلام جي حيات انهيءَ ۾ آهي تہ مسلمان هر

صورت ۾ قرباني ڏيڻ جي لاءِ تيار رهي. جڏهن مسلمان 313 هئا ته انهن بدر جي ميدان ۾ 1000 ڪافرن جي وڏي لشڪر کي شڪست ڏني ۽ انهن کي ماري ڀڄائي ڇڏيائون، پر اڄ مسلمان غفلت ۾ پيل آهي، هر پاسي گناه ئي گناه آهن ۽ غير مسلم اسان تي غالب ٿي چڪا آهن، ڪو قرباني ڏيندو به آهي ته دنيا جي لاءِ ڏيندو آهي، آخرت جو تصور گهٽ ٿيندو پيو وڃي، ايتري قرباني ته اسان کي ڏيڻ ئي گهرجي ته نماز پڙهندا ڪريون، ننڊ جي قرباني ڏئي ڪري فجر جي لاءِ اٿندا ڪريون، الله پاڪ توفيق ڏي ته تهجد به ادا ڪندا ڪريون، پنهنجي عبادتن کي درست ڪريون ۽ پنهنجي وقت جي قرباني ڏيندي مدني قافلن ۾ سفر ڪريون. (ملفوظاتِ امير اہلِ سنت، 392/3)

غریب وسادہ ورنگین ہے داستانِ حَرَم　　نہایت اِس کی حسین ٗاِبتدا ہیں اِسماعیل

سوال: هي ڳالهه ڪيتري حد تائين صحيح آهي ته جنهن جا مرتبو جيڏو بلند هوندو آهي ان کان امتحان به ايڏو وڏو ورتو ويندو آهي؟

جواب: ايئن ٿيندو آهي سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: راهِ خدا ۾ توهان سيني کان وڌيڪ مان ستايو ويو آهيان. ( ترمذی ، 4 / 213، حديث : 2480 ماخوذا) سيني جو امتحان مختلف انداز سان هوء منهنجي آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي امتحان جو انداز الڳ هوء ٻين نبين سڳورن عَلَيْهِمُ السَّلَام جي امتحان جو انداز الڳ هو ۽ صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنْہُم جي امتحان جو انداز الڳ هو. صحابيءِ رسول حضرت خبّاب رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کي ٽانڊن تي سمهاريو ويندو ۽ مٿان پٿر رکيو ويندو هو، ڪڏهن ڪڏهن سندن آقا به سيني تي چڙهي ويهي رهندو هو، جڏهن سندن جسم جي وَهه

(چربي) نڪري ٽاڻن تي ڪري پوندي هئي تڏهن ٽاڻا وسامي ويندا هئا، پر ان جي باوجود پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ ڪڏهن به اسلام کي نه ڇڏيو.

(طبقات ابن سعد، 3/ 123 ماخوذا) (ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنت، 393/3)

سوال: ڪجھ ماڻهو مُحرم الحرام ۾ سفر ڪرڻ کان منع ڪندا آهن، ڇا مُحرمُ الحرام ۾ سفر ڪري سگهون ٿا؟

جواب: جنهن جي جيڪا مرضي هوندي آهي اهو پنهنجي طرفان ڪانه ڪا ڳالھ ڪري ڇڏيندو آهي. ايئن ڪرڻ واري کي جيڪڏهن مُحرّم ۾ مديني جي ٽڪيٽ ملي ته ڇا اهو سوچيندو ته مان مديني وڃان يا نه وڃان؟ محرم الحرام ۾ سفر ڪري سگهون ٿا. الله پاڪ مُحرم الحرام ۾ به مدينو پاڪ ڏيکاري ته سفر ڪنداسين. ان شآءَ الله.

(ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنت،قسط:217،ص10)

سوال: مُحرّمُ الحَرام جي 10 ڏينهن ۾ اهڙو ڪهڙو عمل ڪيو وڃي جيڪو شرعي طور درست ۽ ايصالِ ثواب جي لاءِ بهتر هجي؟

جواب: مُحرم جي روزن جا فضائل مبارڪ حديثن ۾ بيان ڪيا ويا آهن.[1] هن کان علاوه نماز ته سڄو سال ئي فرض آهي. ايئن ئي گناهن کان بچڻ به سڄو سال ئي ضروري آهي. مُحرمُ الحرام ڇوته حُرمت وارو مهينو آهي، ان ڪري هن ۾ ڪيا ويندڙ گناهن جي سختي به وڌيڪ هوندي، يعني عام ڏينهن جي مقابلي ۾ مُحرم ۾ حرام ڪم جو گناهه اجان وڌو ٿي ويندو، جهڙيءَ طرح جمعي جي هڪ نيڪي، 70

[1] ... حضرت ابو هريره رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ کان روايت آهي ته پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: رمضان کان بعد سڀ کان افضل روزا الله پاڪ جي مهيني محرم جا آهن.

(مسلم ، ص456 ، حديث : 2755)

نيڪين جي برابر هوندي آهي ۽ هڪ گناهہ 70 گناهن جي برابر هوندو آهي،
( مرآة المناجيح ، 2 / 323 -325 -336 ملخصاً)

هن کان علاوه رمضان شريف ۽ لَيۡلَةُ القدر ۾ جيڪڏهن ڪو گناهہ ڪندو آهي تہ هي عام ڏينهن جي مقابلي ۾ وڌيڪ شمار ٿيندو آهي.
( معجم صغير ، 1/ 248) (ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنت،قسط:217،ص15)

سوال: ڇا قيامت 10 مُحرم جو قائم ٿيندي؟

جواب: جي ها! قيامت 10 محرم الحرام عاشوري جي ڏينهن قائم ٿيندي ۽ جمعي جو ڏينهن هوندو. ( ابو داؤد، 1 / 390، حديث: 1046) هونئن تہ ڪوڙ جمعا اهڙا گذريا آهن جنهن ۾ عاشورا هو، پر اجان قيامت جون ڪوڙ نشانيون باقي آهن. بهرحال! قيامت ضرور ايندي، هن تي ايمان رکڻ لازمي آهي.
( تفسير روح البيان ، پ 24 ، المؤمن ، تحت الآية :59، 8/ 199 -200) (ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنت، 402/3)

سوال: حديثِ پاڪ ۾ 10 محرم جي روزي سان گڏ 9 محرم يا 11 محرم جو روزو ملائڻ جي تاڪيد آهي، [1] جيڪڏهن ڪو شخص هي ٽئي ڏينهن لڳاتار روزا رکي تہ ڇا ان جو حديث پاڪ تي عمل ٿيندو؟

جواب: جيڪڏهن ڪنهن ٽئي روزا رکيا تہ حديثِ پاڪ جي خلاف نہ ٿيندو، ڇوتہ حديث پاڪ ۾ ٽن روزن رکڻ کان منع ناهي ڪيو ويو. جيڪڏهن هي ممانعت هجي ها تہ صرف 9 جو روزو رکو يا 11 جو

---

1 ... فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ: عاشورا جي ڏينهن روزو رکو ۽ هن ۾ يهودين جي هن طرح مخالفت ڪريو جو عاشورا کان هڪ ڏينهن پهريان يا هڪ ڏينهن بعد بہ روزو رکو.
(مسند امام احمد، 1/ 518 ، حديث: 2154)

روزو رکو، تہ الڳ ڳالھ هئي، پر حديثِ پاڪ ۾ هن کان منع ناهي ڪيو ويو. جيڪڏھن ڪو سڄي محرم مهيني جا روزا رکي ٿو تہ هن ۾ بہ ڪو حرج ناهي، هي سنو عمل آهي. (ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنت،قسط:217،ص5)

سوال: 10 محرم جو اِثمد سرمو پائڻ جي ترغيب آهي، جيڪڏھن ان ڏينهن روزو هجي تہ ڇا ڪيو وڃي؟

جواب: روزي جي حالت ۾ سرمو پائڻ جائز آهي، بلڪ جيڪڏھن نڙيءَ ۾ سرمي جو اثر بہ اچي وڃي تڏھن بہ جائز آهي، روزو نہ ٽُٽندو. (ردالمحتار، 3/ 421) (ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنت، 405/3)

سوال: جيڪڏھن اسلامي ڀيڻ ڪي قضا روزا رکڻا هجن تہ ڇا اها نوَ ۽ ڏھ مُحرم الحرام تي رکي سگھي ٿي؟

جواب: جي ها! جيڪڏھن قضا جي نيّت سان رکندي تہ درست آهي نفل جي نيّت نہ ڪري. (جيڪڏھن ڪنهن قضا ۽ نفل جي نيّت سان هڪ ئي روزو رکيو تہ قضا روزو ادا ٿيندو ڇوتہ قضا روزي جي ادائيگي نفل جي مقابلي ۾ وڌيڪ اهم آهي.)
(الاشباہ والنظائر، ص 35 ماخوذا) (ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنت، 288/3)

سوال: ڇا مُحرم الحرام ۾ ننهن ڪٽي سگھون ٿا؟

جواب: جي ها! مُحرّم الحرام شريف ۾ ننهن ڪٽي سگھون ٿا.
(ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنت، 50/6)

## مُحرّمُ الحرام ۾ پيرن اگھاڙي رھڻ ڪيئن؟

سوال: مُحرّم الحرام جو چنڊ نظر ايندي ئي ڪجھ عورتون ۽ مرد جوتا پائڻ ڇڏي ڏيندا آهن ۽ چوندا آهن تہ هيءَ اسان جي باس آهي تہ

هن طرح ڪرڻ ڪيئن؟

جواب: مُحرم الحرام جو چنڊ نظر ايندي ئي جوتا نہ پائڻ ۽ پيرن اگهاڙي رهڻ جيڪڏهن غم جي نيّت سان هجي تہ حرام ۽ جهنّم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي. شريعت پاڪ ۾ ٽن ڏينهن کان وڌيڪ غم (سوڳ) جائز ناهي، البت عورت مڙس جي مرڻ تي چار مهينا ڏهہ ڏينهن سوڳ ڪندي. جيڪڏهن ڪو غم جي نيّت سان نہ بلڪ ايئن ئي پيرن اگهاڙي رهندو آهي تہ ڪو حرج ناهي ۽ نہ ئي اهو گناهگار ٿيندو، البت مُحرم الحرام جي شروعاتي ڏهہ ڏينهن ۾ ماڻهو غم ۽ سوڳ جي ڪري ئي پيرن اگهاڙي رهندا آهن لهٰذا انهن جي مشابهت سان بچڻ گهرجي. ۽ پيرن اگهاڙي رهڻ جي باس ڪا شرعي باس ناهي جو جنهن جو پورو ڪرڻ واجب هجي ۽ نہ ئي هن طرح جي باس باسڻ ڪنهن فضيلت جو سبب آهي. (ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنت،178/1)

## ساهرن ۾ مُحرم الحرام جو چنڊ ڏسڻ ۾ حرج ناهي

سوال: هيءَ ڳالهہ ڪيتري حد تائين صحيح آهي تہ ڪنوار نڪاح جي پهرين سال مُحرم الحرام يا صفرُالمُظفر جو چنڊ ساهُرن ۾ نہ ڏسي؟

جواب: هي بہ هڪ فضول ۽ غلط ڳالهہ آهي تہ ڪنوار نڪاح جي پهرين سال محرم الحرام يا صَفر المظفر جو چنڊ ساهُرن ۾ نہ ڏسي. مثال طور جيڪڏهن ڪنوار جون اکيون ڪمزور هجن يا اها انڌي هجي يا ان جو گهر ڪنهن پلازه ۾ هجي تہ اها پيڪن ۾ چنڊ ڪيئن ڏسي سگهندي؟ ۽ جيڪڏهن ڪنوار جا والدين فوت ٿي ويا هجن ۽ ان جو ڪو وارث نہ هجي تہ ڇا چنڊ ڏسڻ جي لاءِ ان کي دارُ الاَمان موڪليو ويندو؟ ياد رکو! شرعي لحاظ سان اهڙو ڪو مسئلو ناهي

تہ کنوار نڪاح جي پهرين سال مُحرم الحرام يا صفر المظفر جو چنڊ ساهرن ۾ نہ ڏسي بلڪ هي سڀ عوام جا وهمَ آهن جنهن کي ختم ڪرڻ ضروري آهي. (ملفوظاتِ امیرِ اہلِ سنت،179/1)

سوال: جيڪڏهن عورت عدّت ۾ ويٺي هجي ۽ سَس ان کي مڙس مارڻ جو مهڻو ڏي بلڪ گاريون بہ ڏي، اهڙي صورت ۾ اها عورت ڇا ڪري؟

جواب: صبر ڪري.

ہے صبر تو خزانۂ فردوس بھائیو!　　　عاشق کے لب پہ شکوہ کبھی بھی نہ آسکے

مُحرم الحرام جو مهينو بہ صبر جو ئي درس ڏئي ٿو، ميدانِ ڪربلا ۾ اهلِ بيتِ اطهار تي ڪيتري قدر ظلم ڪيا ويا انهن ان تي صبر ئي فرمايو لهٰذا اها اسلامي ڀيڻ بہ صبر ئي ڪري جو هن کان علاوہ ڪو حل بہ ناهي. ويچاري سَس هن طرح چئي ڪري اجايو گنهگار ٿي رهي آهي، ان کي سمجهائڻ کان سواءِ ڪو رستو ناهي.
(ملفوظاتِ امیرِ اہلِ سنت،46/6)

## مڇي نہ کائڻ ۽ نئون ڪپڙو پائڻ کي عيب سمجهڻ ڪيئن؟

سوال: مُحرم الحرام ۾ مڇي نہ کائڻ ۽ نئون ڪپڙو پائڻ کي عيب سمجهڻ ڪيئن آهي؟

جواب: مُحرم الحرام ۾ جيڪڏهن ڪو غم جي باعث مڇي نٿو کائي ۽ نئون ڪپڙو پائڻ کي عيب سمجهي ٿو تہ اهو گناهگار ٿيندو. عوام ۾ هي مشهور آهي تہ عاشورا جي ڏينهن گوشت نہ

ڪاٺڻ گهرجي ۽ ڪراچي ۾ جتي اسان جو پراڻو گهر هو اتي گوشت جا دڪانَ عاشورا جي ڏينهن بند رهندا هئا، پوءِ آهستہ آهستہ عاشورا جي ڏينهن گوشت جا دڪانَ کلڻ شروع ٿيا ۽ ايئن دڪانَ بند ڪرڻ جو رواج ختم ٿي ويو. هاڻي بہ ڪجهہ ماڻهو عاشورا جي ڏينهن گوشت ناهن کائيندا جڏهن تہ کِچڙو کائي وٺندا آهن حالانڪ کچڙي ۾ بہ گوشت هوندو آهي. هي هڪ عجيب ڳالهہ آهي جو کِچڙي جي صورت ۾ تہ گوشت کائي وٺندا آهن جڏهن تہ گوشت جي ڀاڄي ۽ پلاءُ ناهي ڪري ڪاٺڻ کان منع ڪندا آهن. ياد رکو! مُحَرّمُ الْحَرام بلڪ سڄي سال ۾ ڪا بہ گهڙي يا ڪلاڪ اهڙو ناهي جو جنهن ۾ مڇي يا گوشت کاٺڻ شرعي طور تي منع هجي البت ڪنهن ٻيءَ خاص سبب سان منع ٿي وڃي تہ الڳ ڳالهہ آهي.

(ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنت،178/1)

سوال: عاشورا جي ڏينهن صدقو ڪرڻ جي ڪا فضيلت هجي تہ ٻڌائيندا.

جواب: جيڪو عاشورا جي ڏينهن صدقو ڪندو ان کي سڄو سال صدقي ڪرڻ جو ثواب ملندو. ( كشف الخفاء ، حرف الميم ، 2 / 253 ، حديث : 2641)

عوامُ الناس صدقي جو مطلب هي سمجهندو آهي أتي ۾ آنو رکي ڪري ڏنو وڃي، گڏ تيل رکيو وڃي، ايئن ئي ڪارو ٻڪرو يا ڪارو ڪڪڙُ ڏيڻ کي صدقو سمجهيو ويندو آهي، حالانڪ صدقو صرف ان جو نالو ناهي، صدقي جو مطلب خيرات آهي يعني راهِ خدا ۾ خرچ ڪرڻ، تہ جيڪا شيءِ بہ راهِ خدا ۾ خرچ ڪئي ويندي اها خيرات چورائيندي. (ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنت،403/3)

سوال: هڪ تعداد آهي جيڪو مُحَرّمُ الْحَرام جي مهيني ۾ خيرات جو اهتمام ڪندو آهي ۽ ڪچڙو بڻائيندو آهي. ان جي لاءِ دڪانَ، مارڪيٽن (Markets) ۽ بلڊنگن (Buildings) مان چندو (Donation) بہ جمع ڪيو ويندو آهي. هن ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون احتياطون هئڻ گهرجن؟

جواب: هن جون باقاعده انجمن (Associations) هونديون آهن جيڪي سالانا خيرات جو اهتمام ڪنديون آهن ۽ هن ۾ بي احتياطون بہ تمام گهڻيون ٿينديون آهن. ڪجھ ماڻهو تہ ڌمڪيون ڏئي ڪري چندو گهرندا آهن ۽ سامهون وارو ان جي شرَ کان بچڻ جي لاءِ چندو ڏئي رهيو هوندو آهي. ظاهر آهي تہ هاڻي هي چندو رشوت ٿي ويندو. ( فتاویٰ رضويہ، 19/ 653) ۽ هن رقم مان خيرات ڪرڻ جي اجازت نہ هوندي بلڪ ان شخص کي اوتري ئي رقم واپس ڪرڻي پوندي. (فتاویٰ رضويہ، 23 / 551) پوءِ هن ۾ هي بہ ٿيندو آهي تہ سڄي رات جاڳي ڪري جڏهن ديڳيون پچايون وينديون آهن تہ ان دوران خوب هنگامو ڪيو ويندو آهي. ميوزڪ (Music) هلايو ويندو آهي، پاڙي وارا بہ هنگامي ۽ دوهين وغيره کان تنگ ٿيندا آهن، نمازن جو ڪو اهتمام ناهي هوندو، وڏيڪ هي تہ رستو بہ خراب ڪيو ويندو آهي، پيچ ڏاھ ڪئي ويندي آهي، نشانات پئجي ويندا آهن بلڪ ڪڏهن ڪڏهن تہ کڏا بہ پئجي ويندا آهن جنهن ۾ مينهن جو پاڻي جمع ٿيندو ۽ گپ ٿي ويندي آهي، هن طرح مکيون ۽ مڇر بہ وڌي ويندا آهن ۽ اچڻ وڃڻ وارن کي بہ تمام گهڻي تڪليف ٿيندي آهي، ڪو ڪِري بہ پوندو آهي، ڪو زخمي ٿي ويندو آهي، ڪنهن جو نقصان ٿي ويندو آهي. فقط ايترو ئي نہ بلڪ! ڪجھ ماڻهو تہ جانور بہ ذبح ڪندا آهن جنهن ۾ چڱو پلو جشن جو سمان بڻجي ويندو آهي.

## نياز پچائڻ اعلٰي ۽ افضل ڪم آهي

صحيح ۽ افضل طريقو هي آهي ته چندو ڪري ديڳ پچائڻ بدران ماڻهو پنهنجي گهر ۾ هڪ ديڳڙي پچائي، جوته اصل مقصد الله پاڪ کي راضي ڪرڻ آهي. جيڪڏهن دوست احباب دل سان ملي ڪري پيسا گڏ ڪري ديڳ پچائڻ چاهين تا ته پوءِ بيان ڪيل شين ۾ احتياط ڪرڻي پوندي. هن جو هڪ حل هي به آهي ته جڳهه جڳهه ڪچن (Kitchen) نهيل هوندا آهن انهن کان پچرايو وڃي، تي سگهي ٿو ته هڪ تعداد هجي جيڪو ڪچن کان پچرائيندو هجي، هن ۾ فائدو هي ٿيندو ته ماڻهو به تڪليف کان بچندا ۽ رستا به خراب ڪونه ٿيندا. بزرگن يا شهيدن جي خيرات ڪرڻ ثواب وارو، ۽ اعلٰي ۽ افضل ڪم آهي، پر هن کي به شريعت جي دائري ۾ رهي ڪري ڪنداسين ته هي اعلٰي رهندو ۽ ثواب ملندو. نه ته گناهن جي صورت ۾ ته ڪوڙ ماڻهو ڪري به رهيا آهن. (ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنت،218/3)

سوال: نياز ورهائڻ جي باري ۾ ڪجهه نصيحتون فرمايو.

جواب: ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو خيرات جو اهتمام ته ڪندا آهن پر خيرات جي نالي تي سجو پاڻ ئي کائي ويندا آهن. ايئن ئي جانور ذبح ڪري ان جي ڪليجي (Liver) ۽ گڙدا (Kidney) وغيره سڀ ناشتي جي لاءِ الڳ ڪري رکندا آهن ۽ عوام ۾ بلڪل ناهن ورهائيندا، ايئن نه هئڻ گهرجي، جڏهن خيرات جو سلسلو ڪيو ئي آهي ته سيني کي کارايو ۽ سيني ۾ ورهايو. اهڙيءَ طرح ايئن به ٿيندو آهي ته پنهنجي يا رشتيدارن يا دوست احبابن جي گهرن ۾ ته ٿالَ ڀري ڀري ڪري پهچائيندا آهن پر عوام کي خوب ڏڪا کارائيندا آهن.

رش گھٽي تي وجي ۽ ماٺھو نياز ونڻ جي لاءِ منتون ڪري رھيا ھجن تہ ”مونکي ڏي، مونکي ڏي“ تہ تفريح طور ڪوڙ ھٽندي ”خَلاص خَلاص“ جو آواز لڳائي ڪري ديڳيون بند ڪري ڇڏيندا آھن ۽ رش گھٽ ٿيڻ تي بيھر ديڳ جو واث کوليندا آھن. وري رش وڌي وڃي تہ بيھر ھي عمل ڪندا آھن ۽ ايئن ڪيئي ڀيرا ٿيندو آھي. ھي سڀ ڪوڙ ۽ گناھ آھي، ايئن ڪرڻ کان بچڻ گھرجي.

(ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنت،219/3)

سوال: ڇا 10 مُحَرّمُ الْحَرام کان پھريان ۽ بعد ۾ بہ خيرات ڪري سگھجي ٿي؟

جواب: سڄو سال جڏھن بہ ايصال ثواب يا خيرات ڪري، بلڪل جائز آھي ۽ ھن ۾ ڪو حرج ناھي. ھاٽي جيڪڏھن ماءُ کي بہ ڪجھڙو ٻٽائڻو ھجي، شادي شده ڌيءُ ۽ پٽ کي بہ کِچڙو ٻٽائڻو ھجي، ايئن ئي ساھرن ۾ بہ کِچڙو ٺھندو ھجي تہ بھتر ھي آھي تہ ھڪ ئي ڏينھن ڪرڻ جي بدران ڏينھن ورھايو ۽ ھڪٻئي کي تازو کِچڙو کارايو، ھن ۾ وڌيڪ مزو آھي. اھڙيءَ طرح قربانيءَ واري عيد ۾ بہ ڏينھن ورھائي سگھجن ٿا تہ پھرين ڏينھن اسان قرباني ڪنداسين، ٻئين ڏينھن ھي ڪندا ۽ ٽئين ڏينھن توھان ڪجو، ايئن ھڪٻئي جي گھر تازي گوشت جي دعوت کائي سگھجي ٿي. بھرحال! 10 مُحرّم جو ڏينھن يادگار آھي ۽ ھن جي پنھنجي فضيلت آھي.

(ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنت،309/3)

سوال: 10 مُحَرّمُ الْحَرام جو گھر وارن تي وُسعت ڪرڻي ھوندي آھي، جڏھن تہ اسان 10 محرم تي مدني قافلي ۾ ھوندا آھيون، تہ ھن ڏينھن گھر وارن تي ڪيئن خرچ ڪريون؟

جواب: اڳوات ئي رقم ڏئي ڪري هليا وڃو يا عاشورا جي ڏينهن موڪليو. هاڻي تہ رابطو ڪرڻ ۽ شيءِ پهچائڻ بہ نهايت ئي آسان ٿي ويو آهي، بس ڪرڻ وارو هئڻ گهرجي. (ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنت،403/3)

سوال: توهان جي ڪربلا مُعلّيٰ ۾ حاضري ڪڏهن ٿي هئي؟

جواب: ڪربلا مُعلّيٰ جي حاضري جو سال مون کي ياد ناهي ، ڪافي سال ٿي ويا آهن زندگي ۾ بہ پيرا بغداد شريف جو سفر ڪيو هيو ۽ ٻنهي پيرا ڪربلا شريف جي حاضري بہ ٿي هوئي.

سوال: جڪڏهن ڪربلا جو ڪو يادگار واقعي هجي تہ ٻڌايو؟

جواب: اَلحمد لله منهنجي بہ پيرا بغداد شريف ۽ ڪربلا شريف جي حاضري ٿي آهي، نَجفِ اشرف ۾ بہ حاضري جي سعادت ملي آهي ۽ حضرت حُر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي مزارِ پُر انوار تي بہ حاضري جو شرف مليو آهي. ڪربلا جو يادگار واقعو هي آهي تہ اسان اتي نَهرِ فُرات جو پاڻي نہ پيتو هو حالانڪ ماڻهو اهو پاڻي پيئندا آهن. ٿيو ڪجھ هيئن جو اسان بغداد شريف مان پاڻي گڏ کڻي هليا هئاسين ۽ اسان سڀني جو روزو هو، روزي جي حالت ۾ ئي ڪربلا جون سڀ ئي حاضريون ٿيون، ايئن پاڻي پيئڻ جي نوبت ئي نہ آئي، جڏهن مغرب جو وقت ٿيو ان وقت اسان حضرتِ حُر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي مزارِ پُر انوار تي حاضر هئاسين جيڪا ڪربلا کان ٻاهر آهي، اسان وٽ جيڪو پاڻي موجود هو انهي سان اسان روزو افطار ڪيو. بعد ۾ اسان جو هي ذهن بہ ٺهجي ويو تہ يار سنو ٿيو جو نَهرِ فُرات جو پاڻي نہ پيتو، ڇو تہ جيڪو پاڻي علي اصغر کي نہ مليو، سندن بابا سائين امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنْه کي نہ مليو، اهلِ بيتِ اطهار تي جيڪو پاڻي بند

ڪيو ويو، اسان ۾ اهو پاڻي نه پيئنداسين. شايد پهرين پيري جي حاضري ۾ هي ذهن ٺهيو هو ۽ ٻيءَ حاضريءَ ۾ جاتي واٽي ڪري نه پيتو هو. ڪاش! اهڙو جذبو ملي وڃي.

خشک ہو جا خاک ہو کر خاک میں مِل جا فُرات
خاک تجھ پر! دیکھ تو! سُوکھی زبانِ اَہلِ بَیت

(ملفوظاتِ امیرِ اہلِ سنت،393/3)

سوال: يڪم جنوريءَ تي نئين سال جي مبارڪ باد ڏيڻ جي باري ۾ توهان ڇا ٿا فرمايو؟

جواب: ايئن لڳي ٿو ته ڪافرن دلين تي قبضو ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي. ۽ اسان ايئن ٿي ويا آهيون جو انهن جي خوشامند ڪندا، انهن جي پويان هٿ ٻڌي ڪري گهمندي نظر ايندا آهيون، افسوس! مسلمانن جي ڪهڙي حالت ٿي وئي، الله پاڪ اسان تي رحم فرمائي. (Happy New Year) ته انهن جو انداز آهي، ننڍپڻ ۾ ته اسان نه ٻڌو هو پر هاڻي شايد وڌي ويو آهي. اي ڪاش! اي ڪاش! اسان وٽ پهرين مُحَرَّمُ الْحَرام تي هڪٻئي کي (نئين سال) جي مبارڪباد ڏيڻ جو رواج ٿي وڃي. الحمد لله هي مدني سال آهي. حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جن هن سال کي شروع ڪيو ۽ هن جو تعلّق هجرت سان آهي. ( تاريخ الخلفاء ، ص108)

مون ته تمام گهڻيون ڪوششون ڪري ڏٺيون آهن ته اسلامي تاريخ رائج ٿي وڃي. اَلْحمدلله مونکي اڄ اسلامي تاريخ ذوالحجةُ الحرام

جي نائين رات ياد آهي. اج منٰي شريف ۾ لکين لکَ حاجين جون ٻهارون آهن ۽ هر پاسي قطارون ئي قطارون آهن.

فضا میں لبیک کی صدائیں زفرش تا عرش گونجتی ہیں
ہر اک قربان ہورہاہے زباں پہ یہ کس کا نام آیا
یہ کون سر سے کفن لپیٹے چلاہے الفت کے راستے پر
فرشتے حیرت سے تک رہے ہیں یہ کون ذی احترام آیا
زہے مقدر حضورِ حق سے سلام آیا' پیام آیا
جھکاؤ نظریں بچھاؤ پلکیں ادب کا اعلیٰ مقام آیا

اَلْحمد لله مان ته اج به پنهنجي دستخط يعني سائن ۾ به اسلامي تاريخ لکندو آهيان. هاڻي جتي ڪڏهن انگريزي تاريخ جي ضرورت هوندي آهي ته اها به لکڻي پوندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن انگلش تاريخ ئي ياد هوندي آهي اسلامي ياد ناهي هوندي ته اها ئي لکندو آهيان. توهان سڀ گواهه رهجو مونکي هجري سن سان پيار آهي. منهنجا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن مديني پاڪ هجرت جي لاءِ تشريف کڻي ويا ان وقت جي يادگار جو هي سال آهي. امير المؤمنين حضرت فاروق اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ جن ان کي جاري فرمايو ان جي مطابق عمل ڪرڻ ۾ سنّت جو ثواب ملندو ۽ هي فاروقِ اعظم جي سنّت ٿي. منهنجي آقا مٺي مٺي مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ عظمت نشان مشهور آهي: منهنجا صحابه تارن جيان آهن جنهن جي پيروي ڪندؤ هدايت ماڻيندؤ. (مشكوة المصابيح، جلد 2، ص 414، حديث: 6018) سنّتِ صحابه تي عمل ڪرڻ

جو ان شآء الله ثواب ملندو. اَلْحمدلله عرب ملڪن ۾ نئون سال محرم جي پهرين تاريخ کان شروع ڪرڻ جو رواج آهي.
(مدنی مذاکروں کے 137 سوال و جواب،ص14)

سوال: ڇا مُحَرّمُ الْحَرام ۾ قبرستان وڃڻ جي ڪا فضيلت آهي؟ ۽ قبرستان وڃڻ ۾ ڪهڙيون احتياطون ڪيون وڃن؟

جواب: مڪتبةُ المدينہ جي رسالي ”قبر وارن جون پنجويه حڪايتون“ صفحي 46 تي آهي: مُتبرڪ(يعني برڪت) وارن 9 ڏينهن ۾ بہ قبرن جي زيارت افضل آهي، مثال طور عيدين(يعني عيدالفطر ۽ قرباني جي عيد)، 10 مُحَرّمُ الْحَرام ۽ عشرهءِ ذوالحجّ (يعني ذوالحج جا شروع وارا 10 ڏينهن). (فتاویٰ ہندیہ،350/5) عاشورا جي ڏينهن قبرستان وڃڻ سٺي ڳالھ آهي، پر قبرستان وڃڻ ۾ هيءَ احتياط ڪئي وڃي جو ڪنهن قبر تي پير نہ رکو. اسان وٽ قبرستان ۾ بي ترتيب قبرون هونديون آهن ۽ هڪ تعداد آهي جيڪي قبرن کي لتاڙيندا وڃي رهيا هوندا آهن. مسلمان جي قبر تي پير رکڻ حرام آهي، (بہار شریعت، 847/1، حصہ:4) بلڪ جيڪڏهن قبرون ڊاهي ڪري رستو ڪڍيو تہ ان تي هلڻ بہ حرام آهي، (بہار شریعت، 847/1، حصہ:4) ايستائين جو جيڪڏهن شڪ (Doubt) بہ هجي تہ هي رستو قبرون ڊاهي ڪري ڪڍيو ويو آهي تہ اتان هلڻ بہ حرام آهي. (در مختار، 183/3) جيڪي ماڻهو اڄ تائين قبرن تي هلي ڪري گذرندا رهيا آهن انهن سڀني تي توبھ ڪرڻ لازم آهي ۽ بيهر ان کان بچڻ واجب آهي. ڪجھ ماڻهو قبرن تي بنا سبب جي مٽي وجهرائيندا يا پاڻي هاريندا آهن، هي فضول ڪم آهن. (فتاویٰ رضویہ، 373/9) مٽي ڇمائڻ يا ٻوٽا لڳل هجن تہ انهن جي لاءِ جيتري ضرورت هجي اوترو پاڻي هاري سگهجي ٿو. (در مختار،169/3)

البت ميّت کي دفن ڪرڻ کان بعد قبر جي مٿي تي پاڻي هارڻ سنّت مان ثابت آهي. ( معجم اوسط، 332/4، حديث:6146) (ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنت،338/3)

سوال: پهرين مُحَرّمُ الْحَرام جو 130 ڀيرا ”بِسۡمِ الله شريف“ لکي ويندي آهي، ان جي لکڻ جو طريقو ٻڌائيندا.

جواب: جڏهن ٻه پائڻ، پيئڻ يا لٽڪائڻ جي لاءِ تعويذ طور ڪا آيت يا عبارت لکو ته دائري وارن اکرن جا دائرا کليل رکڻا پوندا مثال طور ”اللّٰه“ ۾ ”ه“ ۽ ”رحمٰن“ ۽ ”رحيم“ ٻنهي ۾ ”م“ جو دائرو کليل هجي. لکڻ ۾ شدّ، ڪڙا زبر ۽ زبر زير لڳائڻ جي ضرورت ناهي جيئن ”بسم الله الرحمٰن الرحيم“ ۾ آهي ۽ جيڪڏهن لڳائي ڇڏيا تڏهن ٻه حرج ناهي. (ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنت، قسط 126)

پهرين مُحَرّمُ الْحَرام جو 130 ڀيرا ”بسم الله الرحمٰن الرحيم“ (هٿ سان) لکي ڪري (يا هٿ سان لکرائي ڪري) جيڪو ٻه پاڻ وٽ رکي (يا پلاسٽڪ ڪوٽنگ ڪرائي ڪپڙي، ريگزين يا چمڙي ۾ سبرائي ڪري پائي) ان شآء الله سڄي عمر ان کي يا ان جي گهر ۾ ڪنهن کي ڪا برائي نه پهچندي. (هٿ سان لکيل تعويذ جون جيڪي برڪتون ملنديو آهن، اهي فوٽو ڪاپي يا ڪمپوزنگ ڪيل مان ناهن ملنديون) (فيضانِ سنت،ص 136)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

## نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ

هر جمعرات نماز مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ الله عزوجل جي رضا جي لاءِ سُٺين سُٺين نيتن سان سڄي رات شرڪت فرمايو. * سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ * روزانو ”فڪرِ مدينہ“ جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

**منهنجو مدني مقصد:** ”مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي“ اِنْ شَآءَ اللّٰه عزوجل پنهنجي اصلاح جي لاءِ ”مدني انعامات“ تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ ”**مدني قافلن**“ ۾ سفر ڪرڻو آهي. اِنْ شَآءَ اللّٰه عزوجل







عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net